
# خدا کي

# راضي ڪرڻ وارا ڪم

**11-April-2024**



هفتيوار سنتن ڀري اجتماع ۾ ٿيڻ وارو

سُنّتن ڀريو بيان

(for Islamic Brothers)

11 5اپريل، 2024ء تي پاڪستان جي هفتيوار اجتماعن ۾ ٿيڻ وارو بيان

# خدا کي راضي ڪرڻ وارا ڪم

هن بيان ۾ توهان ڄاڻي سگهندؤ...

✿...ڇهه عيد جي روزن جا فضائل

✿...3 پيرا مغفرت جي دعا جي فضيلت

✿... رات جي عبادت جا فضائل

✿...ايثار جو ثواب مفت حاصل ڪرڻ جا نسخا


پيشڪش

اَلْمَدِيْنَةُ الْعِلْمِيَه (اسلامڪ ريسرچ سينٽر)

(شعبو بياناتِ دعوتِ اسلامي)

ترجمو: ٽرانسليشن ڊيپارٽمنٽ (دعوتِ اسلامي)

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰى سَيِّدِ الْمُرْسَلِيْنَ

اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا رَسُوْلَ الله     وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ يَا حَبِيْبَ الله

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا نَبِيَّ الله     وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ يَا نُوْرَ الله

نَوَيْتُ سُنَّتَ الْاِعْتِكَاف (ترجمو: مون سنّتِ اعتڪاف جي نيّت ڪئي)

# درودِ پاڪ جي فضيلت

مسلمانن جي پياري امڙ سائڻ حضرت عائشہ صديقہ رضی اللہ عنہا ڪان روايت آهي، سرڪار عالي وقار، مڪي مدني تاجدار صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايو: جڏهن ٻانهو مون تي درود شريف پڙهندو آهي تہ اُن جي برڪت سان هڪ ملائڪ الله پاڪ جي بارگاهہ ۾ حاضر ٿيندو آهي، اُن ملائڪ جي لاءِ حڪم ٿيندو آهي: اُن ڪي منهنجي ٻانهي جي قبر وٽ ڪٽي وڃو! تہ جيئن هي منهنجي ٻانهي جي لاءِ مغفرت جي دعا ڪندو رهي ۽ منهنجي ٻانهي جون اکيون ٿڌيون ٿينديون رهن.[1]

ذاتِ والا پہ بار بار دُرود | بار بار اور بے شُمار دُرود
قبر میں خوب کام آتی ہے | بیکسوں کی ہے یارِ غار دُرود (2)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

# بيان ٻڌڻ جون نيتون

حديث پاڪ ۾ آهي: اِنَّمَا الْاَعْمَالُ بِالنِّيّٰات عملن جو دارومدار نيتن تي آهي. (3)

---

[1] مسندِ فردَوس، جلد:4، صفحه:10، حديث:6026 بتغير

[2]...ذوقِ نعت، صفحه:123 تا125 ملتقطاً۔

3...بخاري، ڪتَاب بَدءِ الْوَحي، صفحو:65، حديث:1۔

پيارا اسلامي ڀائرو! سٺي نيت افضل ترين عمل آهي، بيان ٻڌڻ کان پهريان سٺيون سٺيون نيتون ڪري وٺون ٿا، مثال طور نيت ڪيو ته ❁ نگاهون هيٺ ڪري بيان ٻڌندس، ❁علمِ دين جي تعظيم جي نيت سان جيتري دير ٿي سگهيو گوڏن ڀر يعني التَّحِيَّات ۾ ويهڻ جيان ويهندس، ❁ ضرورتًا سرڪي ٻين جي لاءِ جاءِ ڪشادي ڪندس، ❁ ڌڪو وغيره لڳو ته صبر ڪندس، ❁ بيان کان پوءِ پاڻ اڳتي وڌي مسلمانن کي سلام ڪندس، هٿ ملائيندس ۽ انفرادي ڪوشش ڪري نيڪيءَ جي دعوت پيش ڪندس. اِنْ شَآءَاللهُ الْكَرِيْم!

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب　　صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## افسوس..... رمضان موڪلائي ويو...!!

پيارا اسلامي ڀائرو! ڪجهه ئي ڏينهن پهريان جي ڳالهه آهي، عاشقانِ رمضان انتظار ۾ هئا ته رمضان المبارڪ اچڻ وارو آهي * رمضان المبارڪ جي تياري هلي رهي هئي پر.... هي برڪتن وارا ڏينهن تيزي سان گذرندا ويا...!! ۽ هاڻي ڏسو! هي مقدس رمضان جو مهينو اسان کي جدائي جو صدمو ڏئي موڪلي هليو ويو. هاڻي 11 مهينن کان پوءِ هي مُقدّس مهينو ٻيهر ايندو، وري خوشيون هونديون، رحمتون هونديون پر...!! افسوس! نه ڄاڻ اسان هي برڪتون ڏسي سگهنداسون يا ان کان پهريان ئي موت جو ذائقو چکي ڪري قبر ۾ لهي ويندا سون..!!

| | |
|---|---|
| جب گزر جائیں گے ماہ گیارہ | تیری آمد کا پھر شور ہوگا |
| کیا مِری زندگی کا بھروسا | اَلوداع اَلوداع آہ! رَمضاں (1) |

[1]...وسائلِ بخشش، صفحه:653۔

## نيڪ ماڻھن جو ھڪ عمل

ھڪ بُزرگ رحمۃُاللہِ علیہ فرمائي ٿو: اڳي زماني جا ماڻھو رَمَضانُ الْمُبارڪ کان پھريان 6 مھينا رَمَضانُ الْمُبارڪ کي حاصل ڪرڻ ۽ رَمَضانُ شريف کان پوءِ 6 مھينا رمضان جي عبادت قبول ٿيڻ جي دعا ڪندا ھئا.[1]

پيارا اسلامي ڀائرو! جڻ ھاڻي ھي دعائون ڪرڻ ۽ حسرت مان ھٿ ملڻ جا ڏينھن شروع ٿي چڪا آھن تہ افسوس! اسان رَمَضان جي مھيني جي صحيح معنٰي ۾ قدر نہ ڪري سگھياسين، اُن تي حسرت ڪرڻي آھي ۽ جيڪي ٿوريون گھڻيون نيڪيون ڪري سگھيا آھيون، انھن جي قبوليت جي دُعا ڪرڻي آھي.

| | |
|---|---|
| کچھ نہ حُسنِ عمل کر سکا ہوں | نَذر چند اشک میں کر رہا ہوں |
| بس یہی ہے مرا کل اَثاثہ | اَلوَداع اَلوَداع آہ! رَمضاں (2) |

۽ امير اھل سنت مولانا محمد الياس عطار قادري رضوي دامت برکاتھم العالیہ بارگاھِ رسالت ۾ عرض ڪن ٿا:

| | |
|---|---|
| میں ہائے! جی چراتا ہی رہا ربّ کی عبادت سے | گزارا غفلتوں میں سارا رمضاں یارسولَ اللہ! |
| میں سوتا رہ گیا غفلت کی چادر تان کر افسوس! | خدارا! میری بخشش کا ہو ساماں یارسولَ اللہ! (3) |

الله پاڪ اسان سيني کي پنھنجي ڪوتاھين تي شرمنده ٿيڻ ۽ الله پاڪ کان رحمت جون دعائون گھرندو رھڻ جي توفيق نصيب فرمائي.

اٰمِین بِجَاہِ خَاتَمِ النَّبِیّٖن صلَّی اللہ علیہ واٰلہٖ وسلَّم

[1] وسائلِ بخشش، صفحہ:653۔

[2] …وسائلِ بخشش، صفحہ:653۔

[3] …وسائلِ بخشش، صفحہ:679۔

## رَمضان المبارڪ جي هڪ خُصوصيت

پيارا اسلامي ڀائرو! رمضان المبارڪ جي مهيني جون اُهي خصوصيتون جيڪي حديثن ۾ بيان ٿيون آهن، انهن مان هڪ اهم ۽ تمام پياري خصوصيت اها به بيان ٿي آهي ته "**رمضان اهو مهينو آهي جيڪو انسان کي نئين زندگي ڏي ٿو**"جيئن ته حديث پاڪ ۾ آهي: وَمَنْ صَامَ رَمَضَانَ إِيمَانًا وَاحْتِسَابًا غُفِرَ لَهُ مَا تَقَدَّمَ مِنْ ذَنْبِهِ يعني جنهن ايمان سان ثواب ڪمائڻ جي لاءِ رَمَضانُ الْمُبارڪ جا روزا رکيا، اُهو گناهن کان ايئن نڪري ويندو جيئن اُن ڏينهن هو، جڏهن سندس ماءُ کيس ڄڻيو.[1] هڪ حديث پاڪ ۾ آهي: جنهن رمضان جا روزا رکيا پوءِ 6 شوال ۾ رکيا ته گناهن کان ايئن نڪري ويو جيئن اڄ ئي ماءُ جي پيٽ مان پيدا ٿيو آهي.[2]

## ڇهه عيد جي روزن جون فضيلتون

پيارا اسلامي ڀائرو! هنن حديثن مان اَوّل ته شوال جي 6 روزن جي فضيلت معلوم ٿي، انهن کي ڇهه عيد جا روزا به چوندا آهن، روايتن ۾ آهي: جنهن رمضان جا روزا رکيا وري ان کان پوءِ ڇهه شوال ۾ رکيائين. ته ائين آهي جيئن دهر يعني سڄي عمر جوروز رکيو.(مسلِم، ڪتاب الصيام، باب استحباب صوم...الخ، صفحه:424، حديث: 1164) جنهن عيدالفطر کان پوءِ شَوّال ۾ ڇهه روزا رکيا ڄڻ اُن سڄي سال جا روزا رکيا ته جيڪو هڪ نيڪي آڻي ان کي ڏهه ملنديون ته ماهِ رمضان جا روزا 10 مهينن جي برابر آهن ۽ هي ڇهه روزا 2 مهينن جي برابر ايئن سڄي سال جا روزا ٿي ويا.[3]

## ڇهه عيد جا روزا ڪڏهن رکيا وڃن؟

---

[1] مسند ابو داود طيالسی، جلد:4، صفحه:115، حديث:2481۔

[2] مجمع الزوائد، کتاب الصيام، باب فيمن صام ...الخ،جلد:3، صفحه:322، حديث:5102۔

[3] الترغيب و الترهيب، کتاب الصوم، الترغيب فی صوم ست...الخ، صفحه:346، حديث:2۔

سُبْحٰنَ اللہ! چا ڳالھ ڪجي عيد جي روزن جي...”!! اَلحَمۡدُلله ! ماھِ رمضان جا روزا رکڻ جي سعادت نصيب ٿي، هاڻي روزو رکڻ جي هڪ عادت بڻيل آهي، اسان کي گهرجي تہ ڇھ عيد جا روزا بہ رکون، اِنۡ شَآءَ اللّٰهُ الۡكَرِيۡم! سڄي عمر جا روزا رکڻ جو ثواب نصيب ٿي ويندو. خليلِ ملّت حضرتِ علامہ مولانا مفتي محمد خليل خان قادِري برڪاتي رحمۃ اللہ علیہ فرمائن ٿا: هي روزا عيد کان پوءِ لڳاتار رکيا وڃن تڏهن بہ حرج ناهي ۽ بهتر هي آهي تہ متفرق (يعني وقفو ڪري) رکيا وڃن يعني هر هفتي ۾ ٻہ روزا ۽ عيد الفطر جي ٻئي ڏينهن هڪ روزو رکي وٺي ۽ پوري مهيني ۾ رکي تہ اجان بہ مناسب معلوم ٿئي ٿو.[1]

مطلب تہ **عيد الفطر** جو ڏينهن ڇڏي سڄي مهيني ۾ جڏهن چاهيو ڇھ عيد جا روزا رکي سگهو ٿا. الله پاڪ اسان کي نفل روزا رکڻ جي سعادت نصيب فرمائي.

اٰمِين بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

## نئين زندگي جي نئين شروعات

پيارا اسلامي ڀائرو! احاديث مبارڪ مان ٻي ڳالھ اسان کي هي معلوم ٿي تہ ماھِ رمضان نئين زندگي ڏيڻ وارو مهينو آهي، يعني جنهن ماھِ رمضان جا روزا رکي ڇڏيا اهو گناهن کان پاڪ ٿي ويو، هاڻي اهو ايئن آهي جيئن اڄ ئي پيدا ٿيو آهي. جيڪي ڪبيره گناھ آهن ❁ نماز نہ پڙهڻ❁ روزو نہ رکڻ❁مسلمانن کي ناحق تڪليف پڄائڻ وغيره، انهن گناهن جي مُعافي تہ توبہ کان ئي ٿي سگهي، البتہ پوءِ بہ ماھِ رمضان بخشش وارو مهينو آهي، هن مقدس مهيني ۾ هزارين انهن ماڻهن کي مُعاف ڪيو ويندو آهي، جن تي جهنم واجب ٿي چڪي هوندي آهي تہ اسان الله پاڪ جي رحمت تي اُمّيد رکي سگهون ٿا تہ ممڪن آهي تہ اسان کي بہ بخشيو ويو هجي. بهرحال! رمضان جي مهيني کان پوءِ هاڻي هڪ نئين

---

[1] سنی بہشتی زیور ،صفحہ:347۔

زندگي جي شروعات آهي. هاڻي اسان کي واقعي ان کي هڪ نئين زندگي بڻائڻو آهي، يعني هڪ رمضان المبارڪ کان پهريان واري زندگي آهي، هڪ اها زندگي آهي جيڪا رمضان المبارڪ کان پوءِ هاڻي شروع ٿي آهي، اسان جي انهن ٻنهي زندگين ۾ فرق هجڻ گهرجي، مثلاً ❁ پهريان نماز نہ پڙهندا هئاسين تہ هاڻي پنج ئي نمازون باجماعت پڙهڻ جي عادت بڻائڻي آهي ❁ پهريان سُنتن تي عمل ۾ سُستي هئي، تہ هاڻي سُنتن تي پابندي سان عمل ڪرڻو آهي ❁ پهريان جيڪڏهن بُريون عادتون هيون تہ هاڻي چڱيون عادتون اپنائڻيون آهن ❁ پهريان عبادت ۾ سُستي هئي، هاڻي عبادتن ۾ چُستي ڏيکارڻي آهي. مطلب تہ رَمَضان المبارڪ کان پوءِ جي ۽ پهريان جي زندگي ۾ واضح فرق ڪرڻو آهي ڇوتہ هاڻي هڪ نئين زندگي شروع ٿي چڪي آهي.

*نمازوں میں مجھے ہر گز نہ ہو سستی کبھی آقا | پڑھوں پانچوں نمازیں باجماعت یا رسول اللہ!* (1)

## خُدا کي راضي ڪرڻ وارا ڪم

هاڻي ڇوتہ خوشين جا ڏينهن آهن، عيد جا ڏينهن هلي رهيا آهن ۽ رَمضَانُ المُبارَڪ کان پوءِ هاڻي نئين زندگي شروع ٿي رهي آهي تہ اچو! ڪجھ ايمان اَفروز حديثون ٻڌون ٿا ۽ هي پڪي نيت ڪيون ٿا تہ انهن حديثن ۾ جن نيڪ عملن جو ذڪر ٿيو آهي، اسان انهن نيڪ عملن کي پنهنجي ايندڙ زندگي ۾ دائمي طور نافذ رکنداسين.

پيارا اسلامي ڀائرو! هي پيارا پيارا نيڪ اعمال ڪهڙا آهن؟ اچو! ٻڌون ٿا:

## (1) گناهن جي بخشش طلب ڪرڻ

حضرت علي بن ربيعہ رَحمَۃُ اللہِ عَلَیہ فرمائن ٿا: هڪ ڀيرو مسلمانن جا چوٿان خليفہ

---

[1]... وسائلِ بخشش، صفحہ:331۔

حضرت علي المرتضيٰ شير خُدا رضی اللہ عنہ سُواري تي سُوار ٿيا، مون کي پنهنجي پويان ويهاريائون ۽ حِرَّه (نالي علائقي) جي طرف وڌڻ لڳا، هلندي هلندي پاڻ آسمان جي طرف مٿو کنيو، پوءِ پڙهيو: اَللّٰهُمَّ اغْفِرْلِی ذُنُوبِی اِنَّهٗ لَا یَغْفِرُ الذُّنُوبَ اَحَدٌ غَیْرُكَ ترجمو: اي الله پاڪ! منهنجا گناهه بخشي ڇڏ، بيشڪ تو کانسواءِ ڪو گناهن کي بخشڻ وارو ناهي.

حضرت علي بن ربيعه رضی اللہ عنہ فرمائن ٿا: هي پڙهڻ کان پوءِ حضرت موليٰ علي شير خُدا رضی اللہ عنہ منهنجي طرف ڏٺو ۽ مرڪڻ لڳا، مون کي ڏاڍي حيرت ٿي، مون پڇيو: اي اميرالمؤمنين! اوهان پهريان اِستغفار ڪيو(يعني الله پاڪ کان گناهن جي مُعافي گهري) پوءِ منهنجي طرف ڏسي ڪري مُرڪيا، اُن ۾ ڇا راز آهي؟

منهنجو سوال ٻڌي ڪري حضرت موليٰ علي شير خُدا رضی اللہ عنہ مون کي هڪ واقعو ٻڌايو (پنهنجي ماضي جي هڪ ياد تازا فرمائي) فرمائڻ لڳا: هڪ ڀيرو پيارا آقا، مڪي مدني مصطفيٰ صلی اللہ علیہ والہ وسلم سُواري تي تشريف فرما ٿيا، مون کي پنهنجي پويان ويهڻ جو شرف عطا فرمايائون ۽ (جيئن اڄ اسان حِرَّه جي طرف وڃي رهيا آهيون، ايئن ئي) حِرَّه جي طرف روانا ٿياسين، هلندي هلندي پاڻ سڳورا آسمان جي طرف ڏسڻ لڳا، پوءِ اهوئي پڙهيو (جيڪو مون پڙهيو ته) :

اَللّٰهُمَّ اغْفِرْلِی ذُنُوبِی اِنَّهٗ لَا یَغْفِرُ الذُّنُوبَ اَحَدٌ غَیْرُكَ

ترجمو: اي الله پاڪ! منهنجا گناهه بخشي ڇڏ، بيشڪ توکان سواءِ ڪو گناهن کي بخشڻ وارو ناهي.

پوءِ پاڻ سڳورن صلی اللہ علیہ والہ وسلم چهرو مبارڪ منهنجي طرف ڪيو ۽ مُرڪيا، اُن تي مون به اهو ئي سوال پڇيو جيڪو تو پڇيو آهي ته يارسول الله صلی اللہ علیہ والہ وسلم! هن عمل مبارڪ جي ڇا حڪمت آهي؟ پاڻ سڳورن صلی اللہ علیہ والہ وسلم فرمايو: اي علي!

انسان جڏهن الله پاڪ کان گناهن جي مُعافي گهرندو آهي تہ الله پاڪ ان ٻانهي کان خوش ٿي ڪري مُسڪرائيندو آهي، بس الله پاڪ جي انهي مرڪڻ جي ڪري ئي مان بہ مُرڪيس.[1]

سُبْحٰنَ الله! ڇا ڳالهہ آهي.....!! پهريان تہ هن روايت ۾ موليٰ علي رضی اللہ عنہ جو انداز ڏسو! سندن اداءِ مصطفيٰ سان محبت ڏسو! پاڻ رضی اللہ عنہ مڪمل اهو ئي نقشو چٽيو، پاڻ سڳورا صلّی اللہ علیہ والہٖ وسلّم سواري تي سوار ٿيا هئا، موليٰ علي رضی اللہ عنہ بہ سواري تي ويٺا، پاڻ ڪريم صلّی اللہ علیہ والہٖ وسلّم موليٰ علي کي پويان ويهاريو هو، موليٰ علي رضی اللہ عنہ حضرت علي بن ربيعہ رحمۃ اللہ علیہ کي پنهنجي پويان ويهاريو، پاڻ سڳورا صلّی اللہ علیہ والہٖ وسلّم حرّہ جي طرف وارانا ٿيا هئا، موليٰ علي رضی اللہ عنہ بہ حرّہ جي طرف روانا ٿيا، پاڻ سڳورن صلّی اللہ علیہ والہٖ وسلّم آسمان جي طرف مٿو ڪڻي ڏٺو هو، موليٰ علي رضی اللہ عنہ بہ آسمان جي طرف مٿو ڪڻي ڏٺو، پاڻ سڳورن دعاءِ مغفرت پڙهي هئي، موليٰ علي رضی اللہ عنہ بہ پڙهي، پاڻ سڳورن بہ پويان ڏسي ڪري مسڪرايو هو، موليٰ علي رضی اللہ عنہ بہ پويان ڏسي ڪري مُرڪيا، يعني مڪمل اهو ئي منظر جيڪو سرڪار عالي وقار، مڪي مدني تاجدار صلّی اللہ علیہ والہٖ وسلّم سان پيش آيو هو، موليٰ علي رضی اللہ عنہ هوبهو انهي واقعي جي منظرڪشي ڪئي، پوءِ پاڻ سڳورن جي حديث بيان فرمائي.

سُبْحٰنَ الله! هي آهي صحابہ ڪرام جي سُنّتن کان محبّت...!! پوءِ اسان چونہ چئون:

ہر صحابیِ نبی! جنّتی جنّتی | سب صحابیات بھی! جنّتی جنّتی
چار یارِ نبی! جنّتی جنّتی | حضرت صدیق بھی! جنّتی جنّتی

---

[1] مصنف ابن ابی شیبہ، کتاب الدعا، باب ما کان یدعو بہ ...الخ، جلد:7، صفحہ:63، حدیث:12 ۔

| | | | |
|---|---|---|---|
| اور عمر فاروق بھی! | جنّتی جنّتی | عثمان غنی! | جنّتی جنّتی |
| فاطمہ اور علی! | جنّتی جنّتی | ہیں حسن حسین بھی! | جنّتی جنّتی |
| والدینِ نبی! | جنّتی جنّتی | ہر زوجۂ نبی! | جنّتی جنّتی |
| اور ابو سُفیان بھی! | جنّتی جنّتی | ہیں معاویہ بھی! | جنّتی جنّتی(1) |

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰہُ عَلٰی مُحَمَّد

## گناهن جي مُعافي گهرڻ جي عادت بڻايو!

پيارا اسلامي ڀائرو! موليٰ علي رضی اللہ عنہ جي بيان ڪيل حديث پاڪ مان معلوم ٿيو ته جڏهن انسان الله پاڪ کان پنهنجي گناهن جي مُعافي گهرندو آهي ته اهڙي ٻانهي کان الله پاڪ ڏاڍو خوش ٿيندو آهي ۽ پنهنجي شان جي مطابق مسڪرائيندو آهي ته ڏسو! منهنجو ٻانهو ڄاڻي ٿو، هن کان گناهه ٿيو آهي ۽ هي به ڄاڻي ٿو ته منهنجو مالڪ گناهه بخشڻ وارو آهي.

سُبْحٰنَ اللہ! اسان ڪي به گناهن کان مُعافي گهرڻ جي عادت ٺاهڻ گهرجي...!! معنيٰ تي نظر رکي ڪري اَللّٰهُمَّ اغْفِرْلِی، اَللّٰهُمَّ اغْفِرْلِی پڙهڻ جو معمول بڻايو! وڌيڪ نه سهي ته روزانو گهٽ مان گهٽ هڪ تسبيح (يعني 100 ڀيرا) پڙهندا ڪيو! استغفار جا ٻيا به الفاظ آهن، اَسْتَغْفِرُ اللہ! اَسْتَغْفِرُ اللہ! پڙهندا رهو، سَیِّدُ الْاِسْتِغْفَار (جيڪو شجره عاليه قادريه عطاريه ۾ لکيل آهي، اهو) پڙهو! مطلب ته الله پاڪ کان پنهنجي گناهن جي معافي گهرڻ جي عادت بڻايو! اِنْ شَآءَ اللہُ الْکَرِیْم! الله پاڪ جي رضا ماڻڻ ۽ قيامت جي ڏينهن بنا حساب جنت ۾ وڃڻ نصيب ٿيندو.

## استغفار جون فضيلتون

---

[1]...وسائلِ فردوس، صفحه:53.

اَلحَمۡدُلله! الله پاڪ اِستغفار ۾ وڏي طاقت رکي آهي. هڪ ڀيرو حضرت امام حسن بصري رحمۃ اللہ علیہ وٽ هڪ شخص آيو ۽ ان بارش جي گهٽتائيءَ جي شڪايت ڪئي، پاڻ رحمۃ اللہ علیہ ان کي استغفار ڪرڻ جو حڪم ڏنو ، ٻيو شخص آيو ۽ ان تنگ دستي جي شڪايت ڪئي تہ ان کي بہ اهو ئي حڪم فرمايو ، پوءِ ٽيون شخص آيو ۽ اُن نسل گهٽ ٿيڻ جي شڪايت ڪئي تہ ان کي بہ اهو ئي فرمايو، پوءِ چوٿون شخص آيو ۽ ان پنهنجي زمين جي پيداوار گهٽ ٿيڻ جي شڪايت ڪئي تہ ان کي اهو ئي فرمايو. حضرت ربيع بن صبيح رحمۃ اللہ علیہ اُتي حاضر هئا، عرض ڪرڻ لڳا: سائين! اوهان وٽ ڪجھ ماڻهو آيا انهن طرح طرح جون حاجتون پيش ڪيون ، اوهان سڀني کي هڪ ئي وظيفو ڏنو تہ اِستِغۡفار ڪريو ان جو ڇا سبب آهي؟ اُن جي جواب ۾ امام حسن بصري رحمۃ اللہ علیہ سيپاري 29، سُوۡرَۃ النُّوح، آيت 10 کان 12 تلاوت فرمائي، جيئن تہ ارشاد ٿئي ٿو:[1]

| | |
|---|---|
| اِسۡتَغۡفِرُوۡا رَبَّكُمۡ ؕ اِنَّهٗ كَانَ غَفَّارًا ۙ﴿۱۰﴾ يُّرۡسِلِ السَّمَآءَ عَلَيۡكُمۡ مِّدۡرَارًا ۙ﴿۱۱﴾ وَّ يُمۡدِدۡكُمۡ بِاَمۡوَالٍ وَّبَنِيۡنَ وَيَجۡعَلۡ لَّكُمۡ جَنّٰتٍ وَّيَجۡعَلۡ لَّكُمۡ اَنۡهٰرًا ؕ﴿۱۲﴾ | **تَرۡجمو ڪنزالايمان**: پنهنجي رب کان مُعافي گهرو اهو تمام گهڻو معاف فرمائيندڙ آهي توهان تي وڏڦڙي ۾ تِکي بارش موڪليندو ۽ مال ۽ پٽن سان توهان جي مدد ڪندو ۽ توهان جي واسطي باغ بنائي ڇڏيندو ۽ توهان جي واسطي نهرون بنائيندو. |

**تفسير صراط الجنان ۾ هن آيت جي حوالي سان آهي**: ڪوڙ تجربن مان ثابت آهي تہ اولاد جي حصول، بارش جي طلب، تنگدستي کان نجات ۽ پيداوار جي گهٽائي جي لاءِ اِستغفار ڪرڻ بهترين قرآني عمل آهي.[2]

[1] صراط الجنان، پاره:29، سورهٔ نوح، تحت الآية:10-12، جلد:10، صفحه:367۔

[2] صراط الجنان، پاره:29، سورهٔ نوح، تحت الآية:10-12، جلد:10، صفحه:367۔

## 3 ڀيرا دعاءِ مغفرت جي برڪت

گذريل قومن ۾ هڪ شخص هو، جنهن ڪوڙ گناهہ ڪيا هئا، هڪ ڀيرو اُن پنهنجي پوئين زندگي جي باري ۾ سوچيو، گُناهن جي باري ۾ غوروفڪر ڪيو تہ اُن کي شرمساري ٿي، اُن شرمسار ٿي ڪري ٽي ڀيرو چيو: اَللّٰھُمَّ غُفْرَانَكَ، اَللّٰھُمَّ غُفْرَانَكَ، اَللّٰھُمَّ غُفْرَانَكَ مولٰي تنهنجي بخشش.... الٰهي تنهنجي بخشش، اي الله پاڪ! تنهنجي بخشش. انهي گهڙي ڪيس موت اچي ويو ۽ الله پاڪ ان جي بخشش فرمائي ڇڏي.[1]

تُو بے حساب بخش کہ ہیں بے شُمار جرم | دیتاہوں واسطہ تجھے شاہِ حجاز کا(2)

## استغفار جون برڪتون

پيارا اسلامي ڀائرو! الله پاڪ جي بارگاهہ ۾ استغفار ڪرڻ جون وڏيون برڪتون آهن ❁ مثلاً ان جي هڪ نهايت عظيم برڪت اها آهي تہ ان جي بدولت ٻانهي جي تنگدستي ۽ غم پري ٿيندو آهي، حديث پاڪ ۾ آهي: جيڪو استغفار ڪندو آهي، الله پاڪ ان جي لاءِ هر تنگي کان نڪرڻ جو رستو ٺاهيندو، هر فڪر ۽ غم کان اُن کي آزادي عطا فرمائيندو.[3] ❁ هن جي هڪ برڪت هي آهي تہ اهڙي ٻانهي کي الله پاڪ غيب مان رزق عطا فرمائيندو آهي، حديث پاڪ ۾ آهي: استغفار ڪرڻ واري کي الله پاڪ اهڙي جڳهہ کان رزق عطا فرمائيندو جتان کان ان کي گمان بہ نہ هوندو.[4] ❁ ان جي برڪت سان الله پاڪ دلين جي ڪٽ لاهي ڇڏيندو آهي،

---

[1] تنبيہ الغافلين، باب التوبہ، صفحہ:53۔

[2]...ذوقِ نعت، صفحہ:18۔

[3] ابو داود، كتاب الصلاة/الوتر، باب في الاستغفار، صفحہ:247، حديث:1518

[4] ابن ماجہ،كتاب الادب، باب الاستغفار،صفحہ:612، حديث: 3819۔

**حديث پاڪ ۾ آهي**: لوھ وانگر دلين کي بہ ڪٽ لڳي ويندي آهي ۽ ان جي صفائي ڪرڻ اِستغفار آهي.[1] الله پاڪ اسان کي استغفار ڪرڻ جي توفيق عطا فرمائي.

اٰمِين بِجَاہِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّی اللہ عَلَیْہِ واٰلہٖ وَسَلَّم

مُعَاف فضل وکرم سے ہو ہر خطا یارب
ہو مغفرت پئے سلطانِ انبیا یارَبّ!
نبی کا صدقہ سَدا کے لئے تُو راضی ہو
کبھی بھی ہونا نہ ناراض یاخُدا! یَارَبّ!(2)

# رات جي عبادت

صحابي رسول حضرت اَبو ذَرغِفاري رضی اللہ عنہ کان روايت آهي، الله پاڪ جي آخري نبي، محمد عربي صَلَّی اللہ عَلَیْہِ واٰلہٖ وَسَلَّم فرمايو: 3 انسان آهن، الله پاڪ انهن کي ڏسي ڪري مُرڪندو ۽ تمام گهڻو خوش ٿيندو آهي: (1) اهو انسان جيڪو رات جو اٿي، بستر ڇڏي، چڱي طرح وُضُو ڪري، پوءِ نماز پڙهڻ جي لاءِ بيهي، ان کي ڏسي ڪري الله پاڪ ملائڪن کي فرمائيندو آهي: اي ملائڪو! ٻڌايو! منهنجي ٻانهي هن نيڪي تي ڪنهن شوق ڏياريو؟ ملائڪ عرض ڪندا: موليٰ تون ئي بهتر ڄاڻين ٿو. الله پاڪ فرمائيندو آهي: ها! مان ڄاڻان ٿو پر توهان مون کي ٻڌايو! ملائڪ عرض ڪندا: اي مالڪ ڪريم! تو اُن کي هڪ شيءِ (يعني جهنم) جو خوف ڏنو آهي، هي ان کان ڊڄي ٿو، تو اُن کي هڪ شيءِ ڏني(يعني جنت) جي اُميّد ڏياري آهي، هي اُن جي اُميّد رکي ٿو، هي ئي خوف ۽ اُمّيد آهي، جنهن اُن کي رات جي ننڊ قربان ڪري تنهنجي بارگاهه ۾ بيهارڻ تي اياريو آهي. هاڻي الله پاڪ فرمائيندو آهي: اي ملائڪو گواهه ٻڄي وڃو! هي جنهن شيءِ کان ڊڄي ٿو، مان پنهنجي ٻانهي کي اُن کان اَمن بخشيو ۽ جنهن جي اُميّد رکي ٿو، اها (يعني جنّت) ان جي لاءِ واجب ڪري ڇڏي. (2) ٻيو اهو شخص آهي جيڪو حق ۽ باطل

---

[1] مجمع الزوائد،کتاب التوبہ، باب ماجاء فی الاستغفار، جلد: 10، صفحہ:350، حديث: 17575۔

[2]...وسائلِ بخشش، صفحہ:82۔

جي لڙائي ۾ شريڪ ٿيو، ثابت قدم رهيو، ايستائين جو شهيد ٿي ويو يا الله پاڪ ان کي فتح عطا فرمائي(ان ٻانهي کي ڏسي ڪري بہ الله پاڪ مُرڪندو آهي)(3) ۽ ٽيون اهو شخص آهي جيڪو رات جو سفر ڪندو آهي، ايستائين رات جي آخري حصي ۾ جڏهن ڪٿي رڪندو آهي تہ سندس ساٿي سمهي رهندا آهن پر هُو ٻيهي نماز پڙهڻ لڳندو آهي(اُن ٻانهي کي ڏسي ڪري بہ الله پاڪ مُرڪندو آهي).[1]

## (3_4) رات جو درود شريف پڙهڻ ۽ تلاوت ڪرڻ

عظيم صحابي رسول حضرت عبدالله بن مسعود رضی اللہ عنہ کان روايت آهي، الله پاڪ جي آخري نبي، محمد عربي صلی اللہ علیہ والہ وسلم فرمايو: هڪ ٻانهو رات جو اٿندو آهي، چڱي طرح وضو ڪندو آهي، پوءِ الله پاڪ جي حمد ڪندو آهي، اُن جي بُزرگي بيان ڪندو آهي، پنهنجي نبي صلی اللہ علیہ والہ وسلم تي درود پڙهندو آهي ۽ قرآن کولي ڪري پڙهڻ شروع ڪندو آهي، هي اهو ٻانهو آهي جنهن کي ڏسي ڪري الله پاڪ مسڪرائيندو آهي ۽ فرمائيندو آهي: ڏسو! منهنجو ٻانهو عبادت ڪري رهيو آهي جڏهن تہ اُن کي مون کانسواءِ ڪوبہ ناهي ڏسي رهيو.[2]

## (5) صفون سڌيون رکڻ

حضرت ابو سعيد خُدري رضی اللہ عنہ فرمائن ٿا: سرڪار عالي وقار، مڪي مدني تاجدار صلی اللہ علیہ والہ وسلم فرمايو: 3 ٻانهن کي ڏسي ڪري الله پاڪ مُسڪرائيندو آهي (1) اها قوم جيڪا نماز ۾ صفون سِڌيون ڪندي آهي (2) اهو ٻانهو جيڪو الله پاڪ جي راهہ ۾ جهاد ڪندو آهي. (3) ٽيون اهو ٻانهو جيڪو رات جي اونداهي ۾ عبادت ڪندو آهي (ان کي ڏسي ڪري الله پاڪ مُرڪندو آهي).[3]

---

[1] زہد لابن مبارک، باب فضل ذکر اللہ، جز:9، صفحہ:345، حدیث:1212

[2] عجالۃ الراغب، باب مايقول اذا تعار من الليل، صفحہ:878، حدیث:765 ـ

[3] مصنف ابن ابی شیبۃ، کتاب الصلاۃ، باب ماقالوا فی اقامۃ الصف، جلد:1، صفحہ:388، حدیث:15

پيارا اسلامي ڀائرو! هي ڪل 5 ڪم آهن: (1) رات جو نماز پڙهڻ (2) رات جي تنهائي ۾ درود شريف پڙهڻ (3) تلاوت ڪرڻ (4) رات جي اونداهي ۾ ڪا بہ عبادت ڪرڻ (5) ۽ نماز ۾ صفون سِڌيون ڪرڻ. هاڻي ڏسو! هي ڪيترا مشڪل ڪم آهن...؟ بلڪل بہ نہ، رات جو اُٿو، 2 رڪعت نماز پڙهو، جيترو ٿي سگهي درود پاڪ پڙهو! جيترو اوهان کان ٿي سگهي، قرآنِ ڪريم جي تلاوت ڪيو، گهٽ۾ گهٽ سورت ملڪ ئي پڙهو! ۽ جڏهن باجماعت نماز جي لاءِ مسجد ۾ حاضري ٿي تہ پنهنجي پيرن ۽ ڪلهن جو خيال رکندي صف سِڌي ڪرڻ! هي مختصر ڪم ڪرڻا آهن ۽ انهن جي فضيلت ڪيتري آهي، جيڪو ڀانهو هي ڪم ڪندو آهي، اهو ايترو خوش قسمت ڀانهو آهي جو سندس ربّ ان جي هن عمل تي مسڪرائيندو آهي، اُن کان تمام گهڻو راضي ٿيندو آهي ۽ هي اهو خوش نصيب آهي جيڪو اِنْ شَآءَ اللهُ الْكَرِيْم! بنا حساب و ڪتاب جي جنت ۾ داخل ٿي ويندو.

## رات جي عبادت جا فضائل

پيارا اسلامي ڀائرو! رَمَضانُ الْمُبارڪ کان پوءِ هاڻي اسان جي نئين زندگي شروع ٿي آهي، پڪي نيّت ڪيو! تہ هاڻي کان اينڊڙ سڄي زندگي جو هي معمول رهندو تہ روزانو رات جو گهٽ۾ گهٽ نہ سهي گهٽ مان گهٽ 1 ڪلاڪ الله پاڪ جي عبادت جي لاءِ ضرور خاص ڪنداسين، اڄڪلهہ نوجوانن جون راتيون عام طور فضُوليات ۾ گذري وينديون آهن، سوشل ميڊيا هلائيندي، موبائل تي مختلف شيون ڏسندي، فيس بڪ، انسٽا گرام وغيره تي چيٽنگ ڪندي رات گذري ويندي آهي، ڪيئي ڪلاڪ گذري ويندا آهن، اي عاشقانِ رسول! گهڻو نہ سهي، گهٽ مان گهٽ 1 ڪلاڪ الله پاڪ جي ياد جي لاءِ ڪيو! اِنْ شَآءَ اللهُ الْكَرِيْم! اهي برڪتون ملنديون جن جو جواب ناهي.

پيارا اسلامي ڀائرو! راتين کي الله پاڪ جي عبادت ۾ گذارڻ ايمان وارن جو وصف آهي، الله پاڪ قرآن ۾ ارشاد فرمائي ٿو:

| ترجمو ڪنزالعرفان: بيشڪ پرهيزگار ماڻهو باغن ۽ چشمن ۾ هوندا. پنهنجي ربّ جون عطائون وٺندي، بيشڪ اهي ان کان پهريان نيڪيون ڪرڻ وارا هئا. اهي رات ۾ گهٽ سمهندا هئا. | اِنَّ الْمُتَّقِیْنَ فِیْ جَنّٰتٍ وَّ عُیُوْنٍ ﴿۱۵﴾ اٰخِذِیْنَ مَاۤ اٰتٰىهُمْ رَبُّهُمْ ؕ اِنَّهُمْ كَانُوْا قَبْلَ ذٰلِكَ مُحْسِنِیْنَ ﴿۱۶﴾ كَانُوْا قَلِیْلًا مِّنَ الَّیْلِ مَا یَهْجَعُوْنَ ﴿۱۷﴾ (پاره:26، الذّريات:15، 17) |
|---|---|

الله پاڪ جي آخري نبي، محمد عربي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم رات جي عبادت جا ڪوڙ فضائل بيان فرمايا آهن: اچو! اوهان کي ڪجهه روايتون ٻڌايان ٿو ❁ رات جو قيام (نفلي نماز) رَبّ جي قرب جو سبب، گناهن کي ختم ڪرڻ وارو ۽ گناهن کان روڪڻ وارو آهي.[1] ❁ رات جو نماز پڙهو، اُن حال ۾ جو ماڻهو سمهي رهيا هجن توهان سلامتي سان جنت ۾ هليا ويندؤ.[2]

❁ يقيناً جنت ۾ ڪجهه اهڙا بہ گهر آهن، جن جي اندران ان جو ٻاهر وارو حصو ڏسي سگهجي ٿو ۽ ان جي ٻاهران اندر وارو حصو ڏسي سگهجي ٿو. هڪ اعرابي (ڳوٺاڻي) ٻيهي ڪري پڇيو: اي الله پاڪ جا رسول صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم هي گهر ڪنهن جي لاءِ آهن؟ نبي ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايو: جنهن چڱو ڪلام ڪيو، کاڌو کارايو، روزن تي هميشگي اختيار ڪئي ۽ رات جو نماز ادا ڪئي، جڏهن ماڻهو سمهي رهيا هجن.[3] ❁ فرضن کان پوءِ افضل نماز رات جي نماز آهي.[4]

پيارا اسلامي ڀائرو! ايتري قدر عظيم اجر و ثواب حاصل ڪرڻ جي لاءِ رات جي وقت ڪجهه نہ ڪجهه نفلي عبادت جي عادت ضرور ٺاهڻ گهرجي، هونئن بہ رات

---

[1] ترمذی ، کتاب الدعوات، ، صفحہ:811، ، حدیث :3549۔

[2] ابن ماجہ ،کتاب اقامۃ الصلاۃ و السنۃ فیہا، باب ماجاء فی قیام اللیل،صفحہ:215، حدیث : 1334۔

[3] ترمذی ،کتاب البر و الصلۃ،باب ماجاء فی قول المعروف، صفحہ:483، حدیث : 1984

[4] مسلم ،کتاب الصیام، باب فضل صوم المحرم، صفحہ:424، حدیث : 1163۔

جي نفلي عبادت، ڏينهن جي نفلي عبادت کان افضل و اعليٰ آهي، عالم سڳورا بيان ڪن ٿا تہ رات جي (نفلي) نماز ۽ عبادت ڏينهن جي (نفلي) نماز ۽ عبادت کان بهتر آهي ان جا مختلف سبب آهن: (1) رات جي نمازن ۾ مشّقت ۽ محنت آهي جو ننڊ کان سُجاڳي آهي. (2) رات جي نماز ۽ عبادت ۾ رياڪاري ۽ ڏيکاءَ جو انديشو ناهي هوندو انهي ڪري جو

جب سارا عالم سوتا ہے | وہ رات کو جاگا کرتے ہیں

(3) رات جي اڪيلائي واري عبادت ۾ عاجزي ۽ انڪساري، دلجمعي ۽ قلبي سڪون جي لذّت وڌيڪ هوندي آهي انهي ڪري ان جو ثواب بہ وڌيڪ آهي.[1] (4) رات جي وقت ڪجھ دير سمهڻ کان پوءِ اُٿي ڪري عبادت ڪرڻ ڏينهن جي نماز جي مقابلي ۾ زبان ۽ دل جي درميان وڌيڪ موافقت جو سبب آهي (5) اُن وقت قرآن پاڪ جي تلاوت ڪرڻ ۽ سمجھڻ ۾ وڌيڪ دلجمعي حاصل ٿيندي آهي ڇوتہ اُن وقت شور شرابو ناهي هوندو بلڪ سُڪون ۽ اطمينان هوندو آهي جيڪو دلجمعي حاصل ٿيڻ جو تمام وڏو ذريعو آهي.[2]

## رات جي عبادت بخشرائي ڇڏيو!

حضرت قَبِيْصَہ بن عُقبہ رَحْمَةُاللهِعَلَيْه فرمائن ٿا تہ مان حضرت سفيان ثوري رَحْمَةُاللهِعَلَيْه کي سندن وصال کان پوءِ خواب ۾ ڏسي ڪري پڇيو: مَافَعَلَ اللهُ بِكَ؟ يعني اللّٰه پاڪ اوهان سان ڪهڙو معاملي فرمايو؟ اُنهن جواب ڏنو تہ مون پنهنجي ربّ ڪريم جو ديدار ڪيو تہ اللّٰه پاڪ مون کي فرمايو: اي ابن سعيد! توکي مبارڪ هجي، مان توکان راضي آهيان، ڇوتہ جڏهن رات ٿي ويندي هئي تہ تون ڳوڙها ڳاڙي ۽ رقتّ قلبي سان عبادت ڪندو هئين، جنت تنهنجي سامهون آهي جيڪو محل

[1] تفسير نعيمى،پاره:19، سورۂ فرقان، زيرِ آيت: 64،جلد:19،صفحہ:158

[2] صراط الجنان ، پاره:19، سورۂ فرقان، زيرِ آيت: 64،جلد:7، صفحہ:52۔

چاهيو ڪٿو ۽ تون منهنجي زيارت ڪندو رُهه، ڇوته مان توڪان پري ناهيان.[1]

عبادت میں گزرے مری زندگانی | کرم ہو کرم یاخدا! یاالٰہی! (2)

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللہُ عَلٰی مُحَمَّد

## صفون سڌيون رکڻ جي فضيلت

پيارا اسلامي ڀائرو! اهي ماڻهو جيڪي نماز ۾ صفون سِڌيون ڪندا آهن، انهن جي باري ۾ به ارشاد ٿيو ته الله پاڪ انهن کي ڏسي ڪري مُسڪرائيندو آهي.

افسوس جي ڳالهه آهي ته اڄڪلهه هن معاملي ۾ به گهڻي سُستي ڪئي ويندي آهي، عام طور امام صاحب جماعت بيهڻ کان پهريان اعلان ڪندو آهي ته پنهنجون پيڙيون، گردن ۽ ڪلها ڪلهن سان ملائي صف سڌي ڪري ڇڏيندا! ان جي باوجود ڪوڙ ماڻهو امام صاحب جي اعلان تي توجهه ئي ناهي ڏيندا ۽ صفون سِڌيون ناهن ڪندا.

پيارا اسلامي ڀائرو! ياد رکو! نماز ۾ صفون سڌيون نه ڪرڻ ڪا معمولي ڳالهه ناهي، ان جا جيڪي نقصان حديثن ۾ بيان ٿيا آهن، تمام سخت آهن.❁ صفون صحيح نه ڪرڻ واجب جو ترڪ، ناجائز ۽ گناهه آهي.[3] ❁ صف درست نه ڪرڻ سان نماز اڌوري رهجي ويندي آهي.[4] ❁ صف درست نه ڪرڻ نماز ۾ وسوسا اچڻ جو سبب آهي، حديث پاڪ ۾ آهي: خالي جاءِ پريو! ڇوته شيطان توهان جي وچ ۾ گهيٽي جي ٻچي جيان گهڙي ويندو آهي.[5] ❁صف سڌي نه ڪرڻ سبب چهرو بگڙجي وڃڻ جو خوف آهي، حضرت ابو امامه رضی اللہ عنہ کان روايت آهي،

[1] حلية الاولياء، جلد:7، صفحه:77 بتغير۔
[2] وسائلِ بخشش، صفحه:105۔
[3] عمدة القارى، كتاب الأذان، باب تسوية الصفوف ...الخ،جلد:4، صفحه:354، تحت الحديث:718ماخوذاً ۔
[4] مرآة المناجيح،جلد:2، صفحه:183ملخصاً۔
[5] مسند امام احمد، مسند الانصار،جلد:9، صفحه:198، حديث:22901۔

رسولِ ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايو: ضرور توهان صفون سِڌيون ڪندؤ يا توهان جون شڪلون بگاڙيون وينديون يا اکيون ڪڍيون وينديون.[1]

❁ صفون صحيح نہ ڪرڻ رحمت کان دوري جو سبب آهي، حديث پاڪ ۾ آهي: جيڪو صف ٽوڙي، الله پاڪ ان کي ٽوڙي،

هن حديث جي حوالي سان فيض القدير ۾ آهي: يعني الله پاڪ ان کي ثواب ۽ رحمت کان پري ڪري ڇڏيندو آهي يا اُن کي وڏيڪ نيڪي جي توفيق ناهي ملندي.[2]

الله اڪبر! پيارا اسلامي ڀائرو! غور فرمايو! هي ڪيترو اهم معاملو آهي، ان جو اثر اسان جي رويّن تي بلڪ سڄي معاشري تي پوندو آهي، ان جي لاءِ اسان کي گهرجي تہ اسان نماز ۾ صفون سِڌيون رکندا ڪيون.

## ملائڪن جهڙيون صفون بڻايو!

قرآنِ ڪريم جي هڪ سورة آهي: سورة صافّات، ان مبارڪ سورة جي پهرين آيت ۾ الله پاڪ فرمايو:

| | |
|---|---|
| وَالصّٰٓفّٰتِ صَفًّا ۙ﴿۱﴾<br>(سيپارو: 23، سورة صافّات: آيت: 1) | ترجمو ڪنزالعرفان: انهن جو قسم جيڪي باقاعده صفون ٻڌل آهن. |

حضرت عبدُ الله بن مسعود رَضِیَ اللہُ عَنْہ فرمائن ٿا: هتي صفون ٻڌڻ وارن مان مراد ملائڪ آهن. (تفسيرِ خازن ،پاره:23 ،سورۂ صافات،زيرِ آيت:1،جلد:4،صفحه:15) حضرت جابر بن سَمُرہ رَضِیَ اللہُ عَنْہ فرمائن ٿا: هڪ ڏينهن پيارا آقا، مڪي مدني مصطفٰي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم تشريف کڻي آيا ۽ فرمايائون: توهان ايئن صف ڇونہ ٿا ٺاهيو، جيئن ملائڪ ٺاهيندا آهن.

---

[1] مسند امام احمد، مسند الانصار،جلد:9، صفحه:188، حديث:22861۔

[2] فيض القدير،جلد:6، صفحه:306، حديث:9076۔

اسان عرض ڪيو: يا رسولَ الله صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم! ملائڪ ڪيئن صف ٺاهيندا آهن؟ فرمايائون: پهريان اڳين صف مڪمل ڪندا آهن ۽ خوب ملي ڪري بيهندا آهن.

(تفسير بغوى، پاره:23 ،سورۂ صافات،زيرِ آيت:1،جلد:3 ،صفحہ:653۔)

## الله پاڪ ٻانهي ڪي ملائڪ صفت ڏسڻ پسند فرمائيندو آهي

تفسير طبري ۾ آهي: مسلمانن جو ٻيو خليفو حضرت عمر فاروقِ اعظمرَضِیَ اللّٰہُ عَنْہ جو معمول مبارڪ (*Schedule*) هو تہ جڏهن نماز پڙهائيندا هئا تہ نمازين کي فرمائيندا هئا: صفون سڌيون ڪيو! اي فلاڻا تون ٿورو اڳتي ٿي وڃ! اي فلاڻا! تون پوئتي ٿي وڃ! پوءِ فرمائيندا هئا: بيشڪ الله پاڪ توهان کي ملائڪن جيان ڏسڻ پسند فرمائيندو آهي.

(تفسير طبرى،پاره:23،سورۂ صافات،زيرِ آيت:166،جلد:10،صفحہ:29681 ملتقطًا۔)

سُبْحٰنَ الله! معلوم ٿيو، نماز ۾ صفون سڌيون رکڻ ملائڪن جي صفت آهي، اسان کي بہ گهرجي تہ پنهنجون صفون سڌيون رکڻ جي عادت ٺاهيون. روايتن ۾ آهي.❁ صف سِڌي رکڻ نماز جو حُسن آهي.[1] ❁ اڳئين صفن کان ملڻ وارن تي الله پاڪ ۽ ملائڪ درود موڪليندا آهن.[2] ❁ جيڪو صف جي خالي جڳهہ پري، ان جي مغفرت ٿي ويندي. صف پرڻ وسوسن کان بچائيندو آهي.[3] صف سِڌي ڪرڻ دلين کي سڌو ڪندو آهي.[4]

## (6) ايثار

پيارا اسلامي ڀائرو! اهي نيڪ ڪم جن کان الله پاڪ راضي ٿيندو آهي، انهن

---

[1] بخارى، كتاب الاذان، باب اقامة الصف من تمام الصلاة،صفحہ:239، حديث: 722۔

[2] ابو داود، كتاب الصلاة، باب فى الصلاة تقام ولم يأت الامام...الخ، صفحہ:100، حديث:543۔

[3] لواقح الانوار القدسية،العہد الثامن و الثلاثون فى المحافظة على تسوية الصف،جلد:1، صفحہ:189۔

[4] معجم اوسط،جلد/4، صفحہ:35، حديث:5121

مان هڪ نيڪ ڪم ايثار بہ آهي. نهايت مشهور واقعو آهي، بارگاهِ رسالت صَلَّی اللّٰہ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم ۾ هڪ پيري هڪ بکايل شخص حاضر ٿيو، سرڪار نامدار صَلَّی اللّٰہ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم سيني اُمَّهاتُ المُؤمِنين رَضِیَ اللّٰہ تَعَالٰی عَنۡھُنَّ جي گهرن مان معلوم ڪرايو تہ ڪجهہ کائڻ جي شيء ملي وڃي پر ڪنهن وٽ بہ کائڻ جي شيء نہ هئي. رسول اللّٰہ صَلَّی اللّٰہ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم صحابہ ڪرام عَلَیۡہِمُ الرِّضۡوَان سان فرمايو: جيڪو شخص ان کي مهمان بڻائي اللّٰہ پاڪ ان تي رحمت فرمائيندو. حضرت ابو طلحہ انصاري رَضِیَ اللّٰہ عَنۡہُ اٿيا ۽ مهمان کي پنهنجي گهر وٺي ويا، گهر وڃي پنهنجي ٻارن جي ماءُ کان پڇا ڪئي: گهر ۾ ڪجهہ کاڌو آهي؟ انهن چيو: صرف ٻارن جي لاءِ ڪجهہ رکيل آهي، حضرت ابو طلحہ رَضِیَ اللّٰہ عَنۡہُ فرمايو: انهن کي وندرائي ڪري سمهاري ڇڏ، ۽ جڏهن مهمان کائڻ لاءِ ويهي تہ ڏيئو درست ڪرڻ جي بهاني اُٿي ڪري ڏيئي کي وسائي ڇڏجان تہ جيئن مهمان سٺي طرح کائي سگهي. هي ترڪيب ان ڪري ڪئي تہ جيئن مهمان هي نہ ڄاڻي سگهي تہ گهروارا گڏ نہ کائي رهيا آهن نہ تہ اِصرار ڪندو ۽ کاڌو ٿورو آهي، سو مهمان بکايل رهجي ويندو، ائين حضرت ابو طلحہ رَضِیَ اللّٰہ عَنۡہُ مهمان کي کاڌو کارايو ۽ پاڻ گهر وارا بکايل رهي رات گذاري، جڏهن صبح ٿيو ۽ بارگاهِ رسالت ۾ حاضر ٿيا تہ اللّٰہ پاڪ جي محبوب صَلَّی اللّٰہ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم حضرت ابو طلحہ رَضِیَ اللّٰہ عَنۡہُ کي ڏسي فرمايو: رات فلاڻي فلاڻي جي گهر ۾ عجيب معاملو پيش آيو. اللّٰہ پاڪ انهن کي ڏسي ڪري مُسڪرايو (يعني گهڻو راضي ٿيو) انهي واقعي جي باري ۾ سُورَةُ الْحَشْر جي هي آيت نازل ٿي:

| | |
|---|---|
| وَيُؤْثِرُوْنَ عَلٰٓى اَنْفُسِهِمْ وَلَوْ كَانَ بِهِمْ خَصَاصَةٌ ۟ؕ وَمَنْ يُّوْقَ شُحَّ نَفْسِهٖ فَاُولٰٓىِٕكَ هُمُ الْمُفْلِحُوْنَ ۟ۚ | **ترجمو ڪنزالايمان:** ۽ پنهنجي پاڻ تي انهن کي ترجيح ڏين ٿا جيتوڻيڪ انهن کي سخت محتاجي هجي جيڪو پنهنجي نفس جي لالچ کان بچايو ويو پوءِ اهي ئي ڪامياب آهن. |

سُبْحٰنَ الله! پيارا اسلامي ڀائرو! معلوم ٿيو ايثار ڪرڻ ۾ الله پاڪ کي راضي ڪرڻ وارو ڪم آهي.

## ايثار ڇا کي چئبو آهي...؟

اِيثار جي معنيٰ آهي: "ٻين جي خواهش ۽ حاجت کي پنهنجي خواهش ۽ حاجت تي ترجِيح ڏيڻ."[1] **حديث پاڪ ۾ آهي:** جيڪو شخص ڪنهن شيءِ جي خواهش رکندو هجي، پوءِ ان خواهش کي روڪي پاڻ تي (ڪنهن ٻئي کي) تَرجيح ڏئي ته الله پاڪ ان کي بخشي ڇڏيندو آهي [2].

## مديني جي مڇي

حضرت عبدالله بن عمر رَضِیَ اللہُ عَنْہُمَا بيمار هئا، سنڌن کي تريل مڇي کائڻ جي خواهش ٿي، پاڻ رَضِیَ اللہُ عَنْہُ جن جا خادم حضرت نافِع رَضِیَ اللہُ عَنْہُ فرمائن ٿا: گهڻي ڳولها کان پوءِ مون کي ڏيڍ درهم ۾ هڪ مڇي مديني پاڪ جي بازار مان ملي وئي، مون ان کي ڀُڄي ڪري سنڌن جي خدمت ۾ پيش ڪئي، ايتري ۾ هڪ سائل (يعني فقير) آيو، پاڻ رَضِیَ اللہُ عَنْہُ جن فرمايو: نافِع! هي مڇي سائل کي ڏئي ڇڏيو. مون عرض ڪيو: اوهان کي ان جي وڏي خواهش هئي، وڏي

[1] مدینے کی مچھلی، صفحہ:3
[2] احیاء علوم الدین، کتاب کسر الشہوتین، بیان طریق الریاضۃ فی کسر شہوات البطن، جلد:3، صفحہ:115۔

ڪوشش ڪري مديني جي مڇي مون خريد ڪئي آهي، اوهان هن کي ڪاٺو مان هن مڇي جي قيمت سائل کي ڏئي ڇڏيان ٿو. فرمايائون: نہ توهان هي مڇي ان کي ڏئي ڇڏيو، پوءِ مون اها مڇي سائل کي ڏئي ڇڏي ۽ پويان وچي ان کان خريدي ورتي ۽ سندن کي پيش ڪئي، ارشاد فرمايائون: هي مڇي ان سائل کي ڏئي ڇڏ ۽ ان جي قيمت بہ جيڪا ادا ڪئي آهي اها بہ ان وٽ رهڻ ڏيو. مون سرڪار مدينہ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کان ٻڌو آهي: **جيڪو شخص ڪنهن شيءِ جي خواهش رکندو هجي، پوءِ ان خواهش کي روڪي پاڻ تي (ڪنهن ٻئي کي) ترجيح ڏئي تہ ا الله پاڪ ان کي بخشي ڇڏيندو آهي.**[1]

## بيبي فاطمہ جو ايثار

حضرت امام حسن مُجْتَبيٰ رضی اللہ عنہ فرمائن ٿا: هڪ ڏينهن هڪ وقت جي فاقي کان پوءِ اسان وٽ ڪاڏي جي ترڪيب بڻي، منهنجا بابا جان، مولي علي رضی اللہ عنہ ۽ منهنجا ننڍا ڀاءُ حضرت امام حسين رضی اللہ عنہ کائڻ کان فارغ ٿي چڪا هئا، پر منهنجي والده فاطِمَةُ الزَّهرا رضی اللہ عنہا جن اڃا تائين نہ کاڌو هو، انهن جيئن ماني ڏانهن هٿ وڌايو تہ در تي هڪ سائل (يعني فقير) صدا ڏني: **اي بنتِ رسول الله!** مان ٻن وقتن جو بکايل آهيان مون کي کاڌو ڏيو. حضرت بيبي فاطمہ رضی اللہ عنہا فوراً ڪاڌي کان هٿ روڪي ورتو ۽ مون کي حڪم ڏنو تہ وڃ! هي کاڌو سائل کي پيش ڪر، مون تہ هڪ وقت جي ماني ناهي کاڌي ۽ هو ٻن وقت کان بکايل آهي.[2]

بھوکے رہ کے خود اوروں کو کھلا دیتے تھے

کیسے صابر تھے محمد کے گھرانے والے

---

[1] احیاء علوم الدین، کتاب کسر الشہوتین، بیان طریق الریاضۃ فی کسر

[2] مدینے کی مچھلی، صفحہ:24۔

## ڪارائڻ پيئارڻ جو عظيم الشان ثواب

پيارا اسلامي ڀائرو! ڏٺو توهان! حضرت بيبي فاطمہ رضی اللہ عنہا فاقي جي باوجود پنهنجو کاڌو ايثار فرمائي ڇڏيو! افسوس! اهل بيتِ جي محبت جي دعوا ڪرڻ جي باوجود اسان پنهنجي ضرورت جو تہ پري جي ڳالھ آهي پر بچيل کاڌو بہ ڪنهن ضرورت مند کي ڏيڻ جي بدران سياڻي جي لاءِ فريج ۾ رکي ڇڏيندا آهيون. اسان انهن مبارڪ هستين کان سبق سکڻ گهرجي، يقين ڪيو! بکايل کي کاڌو کارائڻ ۽ اُڃايل کي پاڻي پيئارڻ وڏي ثواب جو ڪم آهي هن باري ۾ بہ فرمانِ مصطفيٰ صلی اللہ علیہ والہٖ وسلم ملاحظ فرمايو: ﴿1﴾ جيڪو مسلمان ڪنهن مسلمان کي بک ۾ کاڌو کارائي تہ الله پاڪ ان کي قيامت جي ڏينهن جنتي ميوا کارائيندو ۽ جيڪو ڪنهن اُڃايل مسلمان کي پاڻي پياريندو تہ الله تعاليٰ قيامت جي ڏينهن مُهر وارو پاڪ ۽ صاف شراب پيئاريندو ۽ جيڪو مسلمان ڪنهن بي لباس مسلمان کي ڪپڙو پارائي تہ الله پاڪ ان کي جنت جا سبز ڪپڙا پارائيندو. (ترمذي ج 4 ص 204 حديث 2457) ﴿2﴾ جيڪو ڪنهن مسلمان کي بک ۾ کاڌو کارائي ڪري ڍؤ ڪرائي تہ الله پاڪ ان کي جنت ۾ ان دروازي مان داخل فرمائيندو جنهن ۾ ان جهڙا ماڻهو ئي داخل ٿيندا. (المعجم الكبير للطبراني ج 20 ص 85 حديث 162)

کھلانے پلانے کی توفیق دیدے
پئے شاہِ کرب وبلا یاالٰہی

صَلُّوا عَلَى الحَبِيب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## انوکو دستر خوان

حضرت شيخ ابوالحسن اَنطاڪي رحمۃ اللہ علیہ وٽ هڪ ڀيري تمام گهڻا مهمان

تشريف کڻي آيا. رات جو جڏهن کائڻ جو وقت ٿيو ته مانيون گهٽ هيون، ٽنهنڪري مانين جا ٽڪرا ڪري دسترخوان تي رکيا ويا ۽ اتان کان ڏيئو کنيو ويو، سڀ جا سڀ مهمان اونداهي ۾ دسترخوان تي ويهي رهيا، جڏهن ڪجهه دير کان پوءِ هي سوچي ڪري ته سيني کائي ورتو هوندو ڏيئو آندو ويو ته سيئي ٽڪرا ائين جو ائين موجود هئا، ايثار جي جذبي خاطر هڪ گرهه به ڪنهن نه کاڌو ڇوته هر هڪ جي اهو ئي ذهن هو ته مان نه کانوان ته جيئن پاسي واري اسلامي ڀاءُ جو پيٽ ڀرجي وڃي. (اتحاف السادة للزبيدي ج 9 ص 783)

## پنهنجي ضرورت جي شيءِ ڏيڻ جي فضيلت

الله! الله! اسان جي اَسلاف جي ايثار جو جذبو ڪيترو نه حيرت انگيز هو ۽ افسوس! اڄ اسان جي حالت اهڙي آهي جو جڏهن ڪنهن دعوت ۾ هجون ۽ کاڌو شروع ڪيو وڃي ته ”کاوان کاوان“ ڪندي کاڌي تي ائين ڪِري پوندا آهيون جو کائڻ ۽ چٻائڻ وساري ”ڳِرڪائڻ ۽ پيٽ ڀرڻ“ شروع ڪندا آهيون جو ڪٿي ائين نه ٿئي جو اسان جو ڪو ٻيو اسلامي ڀاءُ کائڻ ۾ ڪامياب ٿي وڃي ۽ اسان رهجي وڃون! اسان جي حِرص جي ڪيفيت ڪجهه ائين هوندي آهي جو جيڪڏهن اسان جو وس هلي ته شايد ٻي جي وات جو گرهه به کسي ڳهي ڇڏيون! ڪاش! اسان به **ايثار** ڪرڻ سکي وڃون.

اٰمین بِجاہِ خَاتَمِ النَّبِیّٖن صلَّی اللہ علیہ والہٖ وسلَّم

ہمیں بھوکا رہنے کا اوروں کی خاطر
عطا کردے جذبہ عطا یاالٰہی

## ايثار جو ثواب مفت حاصل ڪرڻ جا نسخا

ڪاش! اسان کي بہ ايثار جو جذبو نصيب ٿئي، جيڪڏهن خرچ ڪرڻ جي دل نہ چاهي تہ بنا خرچ جي ايثار جا ڪيئي موقعا ملي سگهن ٿا. مثلاً ❁ ڪٿي دعوت تي پهتاسون، سيني جي لاءِ ڪاڏو لڳايو ويو تہ اسان سنيون بوٽيون وغيره هن نيت سان نہ کڻون تہ اسان جو ٻيو ڀاءُ کائي وٺي، ❁گرمي آهي ڪمري جي اندر يا سنتن جي تربيت جي مدني قافلي ۾ مسجد جي اندر وڏيڪ اسلامي ڀائر سمهڻ چاهن ٿا، پاڻ پکي هيٺ قبضو ڪرڻ بدران ڪنهن ٻي اسلامي ڀاءُ کي موقعو ڏئي ثواب ڪمائي سگهو ٿا، ❁اهڙي طرح بس يا ريل ۾ رش جي صورت ۾ ٻي اسلامي ڀاءُ کي منٿ ڪري پنهنجي سيٽ تي ويهاري ۽ پاڻ بيهي ڪري، ڪار ۾ سفر جو موقعو ملڻ باوجود ٻي اسلامي ڀاءَ جي لاءِ قرباني ڏئي ان کي ڪار ۾ ويهاري ۽ پاڻ پيدل يا بس وغيره ۾ سفر ڪري، سنتن ڀريي اجتماع ۾ آرام ده جڳهہ ملي تہ ٻي اسلامي ڀاءُ لاءِ جڳهہ ڪشادي ڪري يا ان کي اها جڳهہ پيش ڪري، ڪاڏو گهٽ هجي ۽ کائڻ وارا وڌيڪ هجن تہ پاڻ گهٽ کائي يا بلڪل نہ کائي ۽ اهڙن بيشمار موقعن تي پنهنجي نفس کي ٿوري تڪليف ڏئي مفت ۾ ايثار جو ثواب ڪمائي سگهجي ٿو.

## ايثار جو ثواب بي حساب جنت

حُجَّةُ الاسلام حضرت امام محمد بن محمد غزالي رحمۃ اللہ علیہ نقل ڪن ٿا: الله پاڪ حضرت موسيٰ ڪليمُ الله عَلٰی نَبِیِّنَا وَعَلَیۡہِ الصَّلٰوۃُ وَالسَّلَام کي فرمايو: اي موسيٰ! ڪو شخص اهڙو ناهي جو اهو سڄي عمر ۾ چاهي هڪ ڀيري ايثار ڪري ۽ مان قيامت جي ڏينهن ان کان حساب طلب ڪندي حيا نہ فرمايان! ان جو مقام

جنت آهي، اهو جتي چاهي رهي. (احياءُ العلوم ج 3 ص 318)

## ٻڪري جي مُنڊي

ڪنهن صحابيرضی اللہ عنہ تحفي طور هڪ صحابيرضی اللہ عنہ جي گهر ٻڪري جي مُنڊي موڪلي تہ انهن هي فرمائي ڪري تہ منهنجو فلاڻو اسلامي ڀاءُ هن منڊي جو مون ڪان وڌيڪ ضرورت مند آهي، اها منڊي ان جي گهر موڪلي ڇڏي تہ انهن چيو تہ فلاڻو مون ڪان وڌيڪ حاجت مند آهي ۽ ائين اها منڊي ان صحابي جي گهر موڪلي ڇڏي. ائين هڪ ٻي ڏانهن ۽ ٻي ٽئي جي گهر ان منڊي کي موڪليو، ايستائين جو اها ٻڪري جي منڊي ستن گهرن مان گهمندي وري پهرين صحابيرضی اللہ عنہ جي گهر پهچي وئي. (المستدرڪ للحاڪم ج 3 ص 229 حديث 3852)

## قطب مدينہ ايثار ڪرڻ واري تاجر جي حڪايت بيان فرمائي

پيارا اسلامي ڀائرو! ڏٺو توهان؟ غُربت ۽ مسڪيني جي باوجود اسان جي صحابہ ڪرام عَلَيۡهِمُ الرِّضۡوَان جي اندر ڪيڏو نہ ايثار جو جذبو هو جو هر هڪ پنهنجي پاڻ تي ٻين کي ترجيح ڏيندا هئا، ۽ افسوس! اڄ حالتون بلڪل ان جي اُبتڙ آهن گهڻا ماڻهو تہ پنهنجي ئي ڀاءُ جو ڳلو ڪپڻ ۾ مصروف آهن . سيّدي قطبِ مدينہ حضرت مولانا ضياءُ الدين رحمۃ اللہ علیہ تُرڪن جي دور خدمت کان مديني منور ۾ رهائش پذير ٿي ويا هئا، سندن وصال 3 ذُوالحِجّةِ الحرام 1401 سن هجري ۾ مديني منور ۾ ٿيو ۽ جنتُ البقيع ۾ دفن ڪيا ويا. پاڻ رحمۃ اللہ علیہجي خدمت بابرڪت ۾ ڪنهن عرض ڪيو: حضور! جڏهن پاڻ شروع ۾ مديني منور ۾ آيا هئا ان وقت جا مسلمان ڪئين هئا؟ فرمايائون: هڪ مالدار شخص گهٽي مقدار ۾ مديني منورجي غريبن ۾ ڪپڙو ورهائڻ چاهيو ٿي، لهٰذا انهيءَ ارادي سان هڪ ڪپڙي جي دڪاندار کي چيائين تہ

مون کي فلاڻي ڪپڙي جا ايترا ٿان گهرجن ٿا، دڪاندار چيو: جيڪو ڪپڙو اوهان گهريو آهي اهو مون وٽ موجود آهي، پر مهرباني ڪري اوهان سامهون واري دڪان تان خريد ڪريو ڇوته اَلْحَمْدُلِلّٰه اَڄ منهنجو وڪرو سٺو ٿيو آهي پر ان ويچاري جو وڪرو گهٽ ٿيو آهي، فرمايائون: پهرين جا مسلمان اهڙي اِخلاص ۽ ايثار جا مالڪ هئا ۽ اڄ جي مسلمانن کي ته توهان ڏسي ئي رهيا آهيو جو انهن جي اڪثريت کهڙي نموني مال گڏ ڪرڻ ۽ هڪ ٻئي جو ڳلو ڪپڻ ۾ مشغول آهي .

## پنهنجو ڪاڌو ڪتي تي ايثار ڪري ڇڏيائون!

حُجَّةُ الاسلام حضرت امام محمد بن محمد غزالي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: منقول آهي حضرت عبدالله بن جعفر رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه پنهنجي ڪنهن زمين کي ڏسڻ لاءِ نڪتا ۽ واٽ تي ڪنهن باغ ۾ ترسيا، اتي هڪ غلام کي ڪم ڪندي ڏٺائون، جڏهن ان وٽ ڪاڌو آيو ته ڪتان هڪ ڪتو به اچي پهتو، غلام هڪ هڪ ڪري ٽئي مانيون ان جي سامهون رکيون، اهو ڪائي ويو، حضرت عبدالله رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه غلام کان پڇا ڪئي: اوهان کي ڏينهن ۾ ڪيترو ڪاڌو ملندو آهي؟ عرض ڪيائين: اهو ئي جيڪو اوهان ڏٺو. پڇا ڪيائون: اهو سڀ ته اوهان ڪتي تي ايثار ڪري ڇڏيو! عرض ڪيائين: هن علائقي ۾ ڪتا نه هوندا آهن هي پري کان هتي اچي نڪتو آهي، غريب بکايل هو، مون کي پسند نه آيو ته مان ڍؤ ڪري کاوان، ۽ هي ويچارو بي زبان جانور بکايل رهي، فرمايائون: اوهان اڄ ڇا ڪائيندؤ؟ عرض ڪيائين: بکايل رهندس: حضرت عبدالله رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه هن غلام جي ايثار کان تمام گهڻا متاثر ٿيا، ۽ باغ جي مالڪ کان اهو باغ، غلام ۽ باقي سامان وغيره خريد ڪيائون، غلام کي

آزاد ڪري اھو باغ وغيره سڀ ڪجھ ان کي بخشي ڇڏيائون.

(احياءُ العلوم ج 3 ص 318)

## بيان جو خلاصو

پيارا اسلامي ڀائرو! اسان ھي ڪجھ حديثون ٻڌڻ جي سعادت حاصل ڪئي، جن ۾ انھن عملن جو ذڪر آھي، جيڪڏھن ٻانھو ھي ڪم ڪري تہ الله پاڪ ان ٻانھي کي ڏسي ڪري مسڪرائيندو آھي، يعني تمام گھڻو راضي ٿيندو آھي ۽ جنھن کي ڏسي ڪري ربّ ڪريم مسڪرائي، ان کي بنا حساب جنت ۾ داخلا نصيب ٿيندي، ھي ڪجھ اعمال اسان ٻڌا (1) پنھنجي گناھن جي مُعافي يعني اِستغفار ڪرڻ (2) رات جو جڏھن ماڻھو سُتل ھجن، ان وقت اٿي ڪري عبادت ڪرڻ (3) رات جو درود پاڪ پڙھڻ (4) تلاوت ڪرڻ (5) نماز ۾ صفون سِڌيون رکڻ (6) ايثار ڪرڻ. الله پاڪ اسان کي ھي سيئي ڪم ڪندي رھڻ جي توفيق نصيب فرمائي.

اٰمِين بِجَاہِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صلّى الله عليه واٰلهٖ وسلّم

## 12 ديني ڪمن مان ھڪ ديني ڪم: تفسير ٻڌڻ ٻڌائڻ جو حلقو

پيارا اسلامي ڀائرو! دل ۾ عشق رسول وڌائڻ سُنّتن تي ھلڻ، نيڪ نمازي بڻجڻ جي لاءِ عاشقان رسول جي ديني تحريڪ دعوت اسلامي جي ديني ماحول سان وابستہ ٿي وڃو! ذيلي حلقي جي 12 ديني ڪمن ۾ خوب وڌي ڪري حصو وٺو! اِنْ شَآءَ اللهُ الْكَرِيْم! دين ۽ دنيا جون بيشمار ڀلايون نصيب ٿينديون. 12 ديني ڪمن مان ھڪ ديني ڪم: **تفسير ٻڌڻ ٻڌائڻ** بہ آھي. قرآنِ مجيد سکڻ تمام فضيلت وارو ڪم آھي: احاديث ۾ ھن طرح مضمون آھي: صبح ھن حال ۾ ڪيو جو يا تہ توھان عالم ھجو يا علم دين جا طالب.[1] ۞ ھڪ روايت جي مطابق صبح جي وقت قرآنِ مجيد

[1] دارمی، المقدمۃ، باب فی ذھاب العلم، صفحہ:96، حديث:254۔

جي هڪ آيت سکڻ 100 رڪعت نفل پڙهڻ کان بهتر آهي.[1] ۞ اَلحَمدُلله! دعوت اسلامي وارا عاشقانِ رسول فجر جي نماز کان بعد تفسير ٻڌڻ ٻڌائڻ جو حلقو لڳائيندا آهن.۞ هن ۾ 3 قرآني آيتون. ۞ ان جو ترجمو ۽ تفسير ٻُڌي، ٻڌائي ويندي آهي. ۞ فيضانِ سُنّت مان درس ڏيندو آهي.۞ شجرو شريف پڙهيو ويندو آهي. ۞ دعا ڏيندي آهي ۽ آخر ۾ اشراق، چاشت جا نفل بہ ادا ڪيا ويندا آهن. ۞

**اوهان بہ تفسير ٻڌڻ ٻڌائڻ جي حلقي ۾ شريڪ ٿيڻ جي عادت بڻايو! اِنْ شَآءَ اللهُ الْكَرِيْم!**

ڪوڙ ساريون برڪتون ملنديون. حديث شريف جي مطابق جيڪو صبح جي وقت مسجد ۾ نيڪي سکڻ وڃي، ان کي عُمري جو ثواب ملندو آهي.[2] ۞ صبح جو وقت نيڪين ۾ گذرندو تہ برڪت ملندي. ۞ سڄو ڏينهن سنو گذرندو. ۞ صبح صبح علم دين سکڻ جو موقعو نصيب ٿيندو۞ شجري شريف جي صورت ۾ نيڪ ٻانهن جو ذڪر ٿيندو. ۞ انهن جي محبّت دل ۾ ويهندي. ۞ اولياءِ ڪرام رَحِمَهُمُ الله عليهم جي روحاني توجهہ ملندي ۞ ايمان تازو ٿيندو ۞ ان جي وسيلي سان ڪيل دعائون اِنْ شَآءَ اللهُ الْكَرِيْم! پوريون ٿينديون ۞ هڪ وڏي برڪت اها آهي تہ نماز فجر کان نماز اشراق تائين مسجد ۾ رڪڻ سُنّتِ مصطفيٰ آهي ان تي عمل جي سعادت ملي ويندي. ۞ حديث پاڪ جي مطابق جيڪو فجر جي نماز کان بعد ذڪرُالله ۾ مشغول رهي، پوءِ اشراق، چاشت جا نفل پڙهي، ان کي جهنم جي باهہ نہ ڇُهندي.[3]

## ويزائون ملي ويون

هڪ اسلامي ڀاءُ تقريباً 14 سال کان ٻاهرين مُلڪ ۾ مُقِيم هو. انهن کي هڪ پيري پنهنجي ڪارخاني ۾ ڪم ڪرڻ وارن جي ضَرورت پئي. انهن ويزائن جي لاءِ ڪيئي پيرا درخواستون جمع ڪرايون پر ڪافي ڪوشِشن جي باوُجود ويزائون

---

[1] ابن ماجہ، باب فضل من تعلم القرآن و علمہ، صفحہ:48، حديث:219 ۔
[2] مستدرک، کتاب العلم، باب من جاء المسجد...الخ، جلد:1، صفحہ:281، حديث:317 ۔
[3] شعب الايمان، باب فی الصيام، جلد:3، صفحہ:420، حديث:3957۔

نہ ملي سگھيون. مُلازم نہ هئڻ جي ڪري انهن کي نقصان ڪٽڻو پيو. خير هڪ دفعو ٻيهر درخواست جمع ڪرائي. انهيءَ دوران هڪ اسلامي ڀاءُ جي مَشوَري تي اُنهن شَجَري شريف مان دُعائيہ شعر جي مُسلسل پڙهڻ شروع ڪيو. ان جي برڪت سان انهن جو اهو ڪم حيرت اَنگيز طور تي ڪجهه ڏينهن ۾ ٿي ويو يعني اُنهن کي گهربل تعداد ۾ ويزائون ملي ويون.[1]

مُشکلیں حل کر شَہِ مشکل کُشا کے واسطے | کر بَلائیں رَد شہیدِ کربلا کے واسطے (2)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

پيارا اسلامي ڀائرو! بَيان کي اِختِتام ڏانهن آڻيندي سُنّت جي فضيلت، ڪجهه سُنّتون ۽ آداب بَيان ڪرڻ جي سَعادَت حاصِل ڪيان ٿو. تاجدارِرسالت، شَهنشاهِ نُبُوت صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايو: مَنْ اَحَبَّ سُنَّتِي فَقَدْ اَحَبَّنِي وَمَنْ اَحَبَّنِي كَانَ مَعِيَ فِي الْجَنَّةِ جنهن منهنجي سُنّت سان مَحَبَّت ڪئي ان مون سان مَحَبَّت ڪئي ۽ جنهن مون سان مَحَبَّت ڪئي اهو جنّت ۾ مون سان گڏ هوندو.[3]

سینہ تیری سُنّت کا مدینہ بنے آقا! | جنّت میں پڑوسی مجھے تم اپنا بنانا

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

## منڊي جي باري ۾ سنتون ۽ آداب

پيارا اسلامي ڀائرو! مرد کي سوني منڊي (Gold) پائڻ حرام آهي، نبي ڪريم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم سوني منڊي پائڻ کان منع فرمايو، ۞ سون ۽ چانديءَ جا زيور نابالغ (يعني ننڍي) ڇوڪري کي پائڻ حرام آهي ۽ ان کي پارائڻ وارو گنهگار ٿيندو، اهڙيءَ طرح ٻارن (يعني ڇوڪرن) جي هٿن ۽ پيرن تي بغير ضرورت جي مهندي لڳائڻ ناجائز آهي، عورت پاڻ پنهنجن هٿن پيرن تي مهندي لڳائي

---

[1] شرح شجره قادريہ عطاريہ، صفحہ:175۔

[2]...حدائقِ بخشش، صفحہ:148۔

3 تاريخ دمشق، جلد:9، صفحہ:343۔

سگهي ٿي، پر چوڪري کي لڳائيندي تہ گنهگار ٿيندي، ۞ لوھ جي منڊي جهنمين جو زيور آهي ۞ مرد جي لاءِ اها ئي منڊي جائز آهي جيڪا مردن جي منڊيءَ وانگر هجي، يعني فقط هڪ ٻڙي جي هجي، جيڪڏهن ان ۾ هڪ کان وڌيڪ ٻڙا هجن، جيتوڻيڪ اها چانديءَ جي ئي هجي، مرد جي لاءِ ناجائز آهي، ۞ ٻڙي کان سواءِ منڊي پائڻ ناجائز آهي، جو تہ اها منڊي نہ چلو آهي، ۞ چانديءَ جي هڪ منڊي هڪ ٻڙي سان پائڻ جائز آهي، جنهن جو وزن ساڍا 4 ماشہ (يعني 4 گرام 374 ملي گرام) کان گهٽ هجي، عيدُن ۾ منڊي پائڻ مستحب آهي، پر مردن کي اها ئي جائز منڊي پائڻ گهرجي، ۞ مرد کي منڊيءَ جو ٻڙو هٿ جي ترِيءَ ڏانهن رکڻ گهرجي ۽ عورت جي منڊيءَ جو ٻڙو هٿ جي پٺيءَ پاسي رکڻ گهرجي، ۞ چانديءَ جو چلو خاص عورتن جو لباس آهي مردن لاءِ مکروھ (تحريمي، ناجائز ۽ گناھ آهي) ۞ عورت سون ۽ چانديءَ جون جيتريون چاهي منڊيون ۽ چلا پائي سگهي ٿي، ان ۾ وزن ۽ ٻڙي جي تعداد جي ڪا پابندي نہ آهي ۞ لوھ جي منڊي تي چانديءَ جو خول چڙهايو جو لوھ بلڪل نظر نہ اچي، اهڙي منڊي پائڻ (مرد ۽ عورت ڪنهن کي) بہ منع ناهي.

مختلف سنّتون سکڻ جي لاءِ مڪتبةُ المدينہ جو ڪتاب بهارِ شريعت جلد:3 حصّو: 16، ۽ شيخِ طريقت، اميرِ اهلسنّت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَة جو 91 صفحن جو رسالو 550 سنّتون ۽ آداب خريد ڪيو ۽ پڙهو، سنتن جي تربيت جو هڪ بهترين ذريعو دعوت اسلامي جي مدني قافلن ۾ عاشقان رسول سان گڏ سنتن ڀريو سفر آهي.

اُلفتِ مصطفٰے اور خوفِ خدا | چاہئے گر تمہیں قافلے میں چلو
گر مدینے کا غم چاہئے چشمِ نَم | لینے یہ نعمتیں قافلے میں چلو (1)

الله پاڪ اسان کي عمل جي توفيق عطا فرمائي.

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيب صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

---

[1]...وسائل بخشش، صفحہ:669۔

## دعوتِ اسلامي جي هفتيوار سنتن ڀري اِجتماع ۾ پڙهيا ويندڙ 6 درود شريف ۽ 2 دعائون

### (1) جمعہ جي رات جو دُرود

اَللّٰهُمَّ صَلِّ وَسَلِّمْ وَبَارِكْ عَلٰى سَيِّدِنَا مُحَمَّدٍ النَّبِيِّ الْاُمِّيِّ الْحَبِيْبِ الْعَالِي الْقَدْرِ الْعَظِيْمِ الْجَاهِ وَعَلٰى اٰلِهٖ وَصَحْبِهٖ وَسَلِّمْ

بزرگن فرمايو تہ جيڪو شخص هر جمعرات (جمعہ ۽ خميس جي وچين رات) هن دُرُود شريف کي پابندي سان گهٽ ۾ گهٽ هڪ ڀيرو پڙهندو موت جي وقت سرڪار مدينہ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي زيارت ڪندو ۽ قبر ۾ داخل ٿيڻ وقت بہ ايستائين هو ڏسندو تہ سرڪار مدينہ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ان کي پنهنجي هٿن سان قبر ۾ داخل ڪري رهيا آهن.

(افضل الصلوات على سيد السادات، الصلاة السادسة والخمسون، ص151ملخصًا)

### (2) سمورا گُناه مُعاف

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى سَيِّدِنَا وَمَوْلَانَا مُحَمَّدٍ وَّعَلٰى اٰلِهٖ وَسَلِّمْ

حضرتِ سَيِّدُنا انس رَضِيَ اللهُ عَنْه کان روايت آهي تہ تاجدارِ مدينہ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو: جيڪو شَخص هي دُرُود شريف پڙهي جيڪڏهن بيٺل هو تہ ويهڻ کان پهريان ۽ ويٺل هو تہ بيهڻ کان پهريان، ان جا گناهہ معاف ڪيا ويندا.

(افضل الصلوات على سيد السادات، الصلاة الحادية عشرة، ص 65)

### (3) رَحمت جا ستر دروازا

صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّدٍ

جيڪو هي دُرُود شريف پڙهندو آهي ان تي رحمت جا ستر دروازا کوليا

ويندا آهن. (القول البديع، الباب الثانى، ص277)

## (4) ڇهه لک دُرُود شريفن جو ثواب

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى سَيِّدِنَا مُحَمَّدٍ عَدَدَ مَا فِيْ عِلْمِ اللّٰهِ صَلَاةً دَآئِمَةً بِدَوَامِ مُلْكِ اللّٰهِ

حضرت اَحمد صاوِي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه ڪِن بُزرگن کان نقل ڪن ٿا هن دُرُود شريف کي هڪ ڀيرو پڙهڻ سان ڇهه لک دُرُودشريف پڙهڻ جو ثواب حاصل ٿيندو آهي.
(افضل الصلوات على سيد السادات، الصلاة الثانية والخمسون، ص149)

## (5) قُربِ مُصطفٰي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى مُحَمَّدٍ كَمَا تُحِبُّ وَتَرْضٰى لَهٗ

هڪ ڏينهن هڪ شَخص آيو تہ حُضُورِ اَنور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کيس پنهنجي ۽ صِدّيقِ اڪبر رَضِيَ اللهُ عَنْهُ جي وچ ۾ ويهاريو، انهيءَ تي صَحابَہ ڪرام رَضِيَ اللهُ عَنْهُم کي تَعَجُّب ٿيو تہ اهڙي مرتبي وارو شخص ڪير آهي جڏهن اهو هليو ويو تہ سرڪار مدينہ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو: هو جڏهن مون تي دُرُودِ پاڪ پڙهندو آهي تہ هيئن پڙهندو آهي. (القول البديع، الباب الاول، ص125)

## (6) دُرُود شَفَاعت

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى مُحَمَّدٍ وَّاَنْزِلْهُ الْمَقْعَدَ الْمُقَرَّبَ عِنْدَكَ يَوْمَ الْقِيَامَةِ

شافع امم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جو فرمان معظم آهي : جيڪو شخص هي درود پاڪ پڙهي ان جي لاءِ منهنجي شفاعت واجب ٿي ويندي آهي.
(الترغيب والترهيب، ج ٢، ص ٣٢٩، حديث ٣١)

## (١) هڪ هزار ڏينهن جون نيڪيون

جَزَی اللّٰهُ عَنَّا مُحَمَّدًا مَا هُوَ اَهْلُهٗ

حضرتِ سَيِّدُنا ابنِ عباس رضی اللہ عنہما کان روايت آهي تہ سرکارِ مدينہ صَلَّی اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن فرمايو: هي درود شريف پڙهڻ واري جي لاءِ ستر فرشتا هڪ هزار ڏينهن تائين نيڪيون لکندا آهن.

( مجمع الزوائد،کتاب الادعية،باب فی کيفية الصلاة...الخ،254/10،حديث:17305)

## (2) جڻ شبِ قدر حاصل ڪري ورتي

لَآ اِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ الْحَلِيْمُ الْکَرِيْمُ، سُبْحٰنَ اللّٰهِ رَبِّ السَّمٰوٰتِ السَّبْعِ وَرَبِّ الْعَرْشِ الْعَظِيْم

(خداءِ حليم و ڪريم کان سواءِ ڪوئي عبادت جي لائق ناهي، الله عَزَّوَجَلَّ پاڪ آهي جيڪو ستن آسمانن ۽ عرشِ عظيم جو پروردگار آهي)

**فرمانِ مصطفيٰ** صَلَّی اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ: جنهن هن دُعا کي ٽي ڀيرا پڙهيو جڻ ان شبِ قدر کي حاصل ڪري ورتو. (ابنِ عساکر ج 19، ص 155، حديث 4455)

صَلُّوا عَلَی الْحَبِيب! صَلَّی اللّٰهُ عَلٰی مُحَمَّد